حبدار سولنگي

# همعصر دور جي ڪرداري نظمن جو تنقيدي جائزو

# THE CRITICAL REVIEW OF THE CHARACTER POEMS IN MODERN SINDHI POETRY

**Abstract**

The genre of Character/Panegyric Poems occupies an important niche within Modern Sindhi poetry. Character Poems are not limited to a specific type of poetry but are distinguished by their subject matter. A poem that celebrates the heroics of various characters or individuals is referred to as a Character Poem or Persona Poetry. While such characters can be found in various poetic genres of classical Sindhi poetry —such as Gaah, Masnavi, Marsiyo (Elegy), and Qasida (Eulogy) — these do not enjoy a distinct identity or recognition as a separate poetic genre. Similarly, reflections of characters can also be found in Modern Poetry genres like Ghazal, Vaaee, Geet, and Prose Poem. The theme of a character poem is to depict the traits and heroics of a character, capturing all dimensions to portray them as a complete protagonist or antagonist. Character poems provide a broad canvas for creativity in the realm of Modern Poetry. This research study offers an analytical and critical review of character poems, focusing on aspects such as character, characterization, and their role in poetry. It includes all the character poems composed by various poets. The scope of this study encompasses a range of topics, including characterization, its significance in literature, and its poetic merit, specifically within Modern Sindhi Poetry. It also examines notable writers of Character Poems and analyzes contemporary character poems. Through this article, we aim to explore the landscape of contemporary modern character poems.

**Keyword:** Modern Sindhi Poetry, Genre, Character Poems, Characterization, heroics in contemporary modern Sindhi poetry

ادب سماج جي مجموعي روين، موضوعن ۽ مسئلن جا جامع اظهارُ آهي، سماج ۾ مختلف قسمن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ هر ماڻهوءَ جي شخصي سڃاڻپ ۽ نفسياتي بيهڪ بہ الڳ آهي، هر ماڻهوءَ جي سوچ، ڪيفيت ۽ ڪارگذاري ٻئي ماڻهوءَ کان مختلف آهي، انهن

سيني ماڻهن، لقائن کي احساساتي طور اظهارڻ جو نالو ”ادب“ آهي ۽ ان سڄي پيشڪش کي ادب ۾ ”ڪردار نگاري“ چئجي ٿو.

ڊاڪٽر قاضي خادم پنهنجي ڪتاب ”ادب ۽ روايتون“ ۾ لکي ٿو:

”ادب ۾ ڪردار نگاري ايتري ته اهم آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ڪو فن پارو صرف ڪردار نگاريءَ جو مثال لڳندو آهي، اها هڪ اديب جي سڄاڻائي آهي جو هو نه صرف ظاهري طرح نظر ايندڙ حالتن جي آڌار تي ڪردار نگاري ڪري ٿو بلڪ هو هڪ ڪردار جي سوچ، اندر جي آنڌ مانڌ ۽ انهن حالتن جو به تجزيو ڪري ٿو جن جي ڪري ان ڪردار ۾ مختلف وقتن ۾ مختلف تبديليون اينديون رهن ٿيون.“ (1)

ادب ۾ ڪردارنگاريءَ کي هڪ اهم ۽ بنيادي حيثيت حاصل آهي، داستانن ۽ قصن جي ڪردارن حاتم طائي، عمرو عيار، سامري جادوگر، جمشيد جادوگر ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪردارن وسيلي ادب ۾ ڪردار نگاري شامل رهي آهي. ان کان پوءِ لوڪ داستانن ۽ رزميه قصن کان ويندي ڪهاڻي، ڊرامي ۽ ناول تائين ڪردار نگاري موجود آهي.

ڪردار نگاري به هڪ فن آهي، جنهن ۾ ڪردار جا احساس، رويا ۽ سڀاءُ هڪ خاص فطري انداز ۾ بيان ڪيا وڃن ٿا.

”اهو ڪردار نگاريءَ جي فن، ليکڪ جي مشاهدي ۽ تخيل جي زور آوريءَ جو مثال آهي، جو هنن جا تخليق ڪيل ڪردار پنهنجي دور جي ذهنيت جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏ، هر دور ۾ اهو ثابت ڪري چڪا آهن ته انساني سڀاءَ، هن جي بنيادي جبلتن ۾ جيڪا هڪجهڙائي آهي، ان کي ڪنهن به دور ۾ قيد ڪري نه ٿو سگهجي، بلڪ سماجي، معاشرتي، تاريخي ۽ جاگرافيائي تبديلين جي باوجود انساني جذبن، جهڙوڪ، پيار ۽ نفرت، بهادري ۽ بزدلي، شرافت ۽ ڪميڻائپ وارين سوچن ۾ ڪا به تبديلي ڪانه ٿي اچي ۽ اديب انهن ئي جذبن جي عڪاسي ڪرڻ لاءِ ادبي غاليچا اڻن ٿا.“ (2)

ادب صرف سماج جو آئينو نه آهي بلڪ اهو سماج جي اندروني پيچ ڊاهه ۽ احساساتي المين ۽ فڪرن جو جيئرو جاڳندو دستاويز پڻ آهي.

ادب ۾ ڪردارنگاريءَ جي پيدا ٿيڻ جو اهم سبب نفسياتي لاڙا ۽ نظريا آهن. نفسياتي لاڙن، فڪرن ۽ نظرين انساني ذهن کي نون امڪانن سان آشنائي ڪرائي آهي. انسان جي داخلي مطالعي سبب ادب ۾ ڪردارنگاريءَ جو لاڙو وڌندو رهيو آهي ۽ ادب ۾ ڪردارن جي سماجي، تهذيبي ۽ نفسياتي عڪاسيءَ جو لاڙو پيدا ٿيو آهي. ائين جديد

ادب ۾ شخص جي ذاتي اڪيلائي، اُباڻڪائي، ويڳاڻپ ۽ لاشعوري پيچيدگين کي به ڪردار ۽ ڪردارنگاريءَ ذريعي وڏيڪ واضح طور بيان ڪيو ويو آهي.

نفسياتي لاڙن کان اڳ به ادب ۾ ڪردار ۽ ڪردار نگاري موجود هئي پر انهن لاڙن ۽ نظرين جي آشنائيءَ سان ڪردار ۽ ڪردارنگاريءَ وڏيڪ سگهه سان اُڀري پڙهندڙن کي نون رخن جي آگاهي عطا ڪئي آهي. ڊاڪٽر عنبرين منير پنهنجي ڪتاب ”جديد اردو نظم مين نفسياتي عناصر“ ۾ لکي ٿي:

> ”نفسياتي علم، فرد جي باطن، داخلي محرڪن، لاشعوري پيچيدگين ۽ انفرادي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اديبن جي ايپاسي سُڌ (Case History) سان گڏ ان جي بيان ڪيل ڪردارن جي نفسي خاصيتن تي روشني وڌي. مثال طور شيڪسپيئر جي ڊرامي ميڪيٿ ته هٿ ڌوئڻ واري مرڪزي عورت جي احساسِ گناهه جي نشاندهي ڪندي ان کي (Obsessive compution) جو شڪار قرار ڏيڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ويهين صديءَ ۾ ٽي. ايس ايليٽ نظم ۾ ايرندڙ آوازن کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي، پهريون قسم خود ڪلاميءَ جو آهي، جنهن ۾ نظم جو ڪردار پاڻ سان ڳالهائيندو آهي، جنهن کي نفسيات ۾ Loud Thinking يعني اوچي آواز ۾ سوچڻ چيو ويندو آهي، ٻيو آواز خطابت جو آهي، جنهن ۾ شاعر پڙهندڙ / ٻڌندڙ سان مخاطب ٿيندو آهي، ٽيون طريقو ڊرامائي ڪردار جي ذريعي پڙهندڙ / ڏسندڙ تائين پهچائيندو آهي، اهي ڪردار خود ڪلامي ڪن ته Monologue جو اصطلاح استعمال ٿيندو آهي هڪٻئي سان ڳالهائن ته ڊائلاگ سڏبو آهي.“ (3)

ادب ۾ انسانن جي داخلي احساسن جي اظهار سان ڪردارنگاريءَ کي اهميت ملي آهي، جنهن سان ڪردارن جي نفسياتي تجزيي سان گڏ سماجي ۽ تهذيبي لاڙن جي به خبر پوي ٿي.

شاعريءَ جي هر صنف کي پنهنجا فني ۽ فڪري لوازمات ٿين ٿا، هر صنف کي پنهنجو فني ۽ فڪري حُسن به آهي ته اُن جا موضوع به الڳ آهن. جيئن غزل جي موضوعاتي سڄاڻپ پنهنجي آهي، بلڪل ائين نظم، آزاد نظم جو فڪري آڪاس به پنهنجو آهي. غزل يا ٻين شعري صنفن جي ڀيٽ ۾ نظم، آزاد نظم جو فڪري ڪينواس وڏيڪ وسيع آهي، ان جي موضوعاتي گوناگوني به ٻين شعري صنفن کان وڏيڪ آهي.

نظم/ آزاد نظم جي موضوعن کي اسين ٿلهي ليکي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا داخلي موضوع وارا نظم ۽ ٻيا خارجي موضوع وارا نظم

شمشير الحيدري لکي ٿو:

”شاعر جڏهن پنهنجي اندر جي اونهاين ۾ گهوتو هڻي پنهنجن شخصي جذبن، احساسن ۽ لاڙن کي شعر ۾ ظاهر ڪري ٿو تڏهن اها داخلي شاعري سڏي ويندي، جڏهين پنهنجي اندر جي دنيا مان ٻاهر جهاتي پائي ڪائنات جي خارجي حقيقتن تي نظر رکي زندگيءَ جي رنگ ۽ بُو واري جهان جي گوناگون ڪيفيتن ۽ منظرن جي عڪاسي ڪري ٿو تڏهين اها خارجي شاعري سڏي ويندي.“(4)

خارجي موضوع وارن نظمن ۾ سماج ۾ ڦهليل شين، منظرن ۽ ڪردارن کي نظم ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو.

هتي اسين نظم/آزاد نظم جي صنف ۾ لکيل همعصر دور جي ڪرداري نظمن جو تنقيدي جائزو پيش ڪريون ٿا.

نظم خيال ۽ موضوع جي وحدت جو نالو آهي، نظم شاعرَ جي ڪنهن تجربي يا ڪنهن خاص انساني پهلوءَ تي روشني وجهندو آهي، جنهن مان هڪ تصوير جُڙي پنهنجي سُڃاڻپ ڪرائيندي آهي.

جديد سنڌي نظم/ آزاد نظم پنهنجي تخليقي ڪماليت ۾ اهم حيثيت رکن ٿا، انهن جو فڪري تاڃي پيٽو بيشمار موضوعن تي ڦهليل آهي، انهن ڪيترن ئي موضوعن مان هڪ اهم موضوع سماج جا مقبول High Profile ۽ غير مقبول Low Profile ڪردار آهن. ۽ ڪجهه ڪردار شاعرن جي تخليقي ۽ تخيلاتي زمين جي پيداوار آهن. شاعر پنهنجي تخليقي ۽ تخيلاتي زمين مان نوان ڪردار بہ تخليق ڪن ٿا، جن کي پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجو ماحول، پنهنجو فڪر ۽ حُسن آهي، ائين شعر مان نوان ڪردار جُڙي نڪرن ٿا.

پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي شاعر ”ڪردار“ تخليق ڪري سگهڻ جي سَگهہَ رکندا آهن، انهن وٽ ”مِٽ“ ۽ شعري شعور جا فڪري عنصر موجود هوندا آهن.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ”ادل سومرو“ پنهنجي الڳ سُڃاڻپ رکي ٿو. هو هڪ ئي وقت غزل، وائي، بيت ۽ نظم جو مڃيل شاعر آهي.

ادل بابت شيخ اياز لکي ٿو:

”اڄڪلهہ جديد شاعر پاڻ تي ڪوبہ زنجير رکڻ نہ ٿا چاهن. انهن جون اکيون کُليل ۽ پير آزاد آهن، ادل سومرو انهن مان برک شاعر آهي.“(5)

جديد شاعريءَ ۾ ڪرداري نظمن جي حوالي سان ادل سومرو اهم حيثيت رکي ٿو. هن ڪيترائي ڪرداري نظم لکيا آهن، جن مان ”هيمون ڪالاڻي“ بہ هڪ اهم نظم آهي.

سکر جائو هيمون ڪالاڻي سنڌ جي تاريخ جو هڪ مزاحمتي ۽ انگريز سامراج خلاف ويڙهه ڪندڙ امر ڪردار آهي. انگريز سامراج خلاف عملي جدوجهد ڪرڻ جي ڪري ڪيس 14 مهينا جيل ۾ رکيو ويو هي نظم ان پس منظر ۾ لکيو ويو آهي.

هيمون ڪالاڻيءَ جي اڏولتا کي ادل سومري شاندار نموني بيان ڪيو آهي:

"سکر جيل جا بُرج ٽين ٽا
ڪيس ڏسي حيران
هي ڪهڙو آ انسان!؟
معافي نامي جي ڪاغذ کي
هن جي آڏو دان جيان
اُڇلي ٿو انگريز" (6)

هيمون ڪالاڻي "سن آف سوائل" آهي، هو آزاديءَ جو عاشق زهر پياڪ آهي هُو معافي نامي کي ٽُڏي ڦاهيءَ کي قبول ڪري ٿو:

"پر هُو ڦاهيءَ جي ڦندي کي چمندي
ڳائي ٿو ڪو گيت
آزاديءَ جو گيت ٻُڌي هو
ساڌ ٻيلي جا پکي اُڏاڻا
ساڌوءَ چرڪ پريو." (7)

هيمونءَ جي آزاديءَ جو گيت ٻُڌي، ساڌ ٻيلي جا پکي ٻه چرڪ پرن ٿا ۽ سنڌوءَ تي "لاک رَتي لالڻ" ڦهلجي ٿي وڃي. هتي "لاک رتي لالاڻ علامت آهي شعور جي روشنيءَ جي. شاعر هن نظم ۾ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ هڪ ڪردار جي جاکوڙ ۽ اڏولتا جي ڪهاڻي پيش ڪئي آهي، هي نظم جاڳرتا جي فڪر جو پرچار آهي.

ادل جي هڪ ٻئي نظم "سپين جي ڳوٺ جون ڳالهيون" ۾ ڪرداري ناسٽيلجيا آهي، هر ماڻهوءَ حال ۾ زنده رهندو آهي، ليڪن ان جون جڙون ماضيءَ ۾ هونديون آهن.

اردوءَ جو ناميارو اديب محمد عاصم بٽ لکي ٿو:

"ناسٽيلجيا پاڻ کي دُهرائڻ جي خواهش جو نالو آهي ناسٽيلجيا مان مراد پنهنجي ماضيءَ ڏي واپس ورڻ جو عمل آهي ماضيءَ مان مراد پنهنجو اهو سڀ ڪجهه جيڪو وڃائجي چڪو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه جيڪو اڳي هُيو ان طرف واپس جي خواهش ناسٽيلجيا آهي." (8)

هن نظم ۾ شاعر جي ذهن تي يادگيريون ماضيءَ مان اوچتو پکين جيان اُڏامي اچن ٿيون، انهن يادگيرين ۾ ڪيترن منظرن سان گڏ ”ڪردار“ بہ آهن، جيڪي شاعر جي حافظي مان نڪري تخيل جي آڪاس تي نمودار ٿين ٿا:

”الهني ساند جي ٽيشڻ
پُراڻو ريل جو رستو
انبن جي باغ ۾ ڦيرا.
چِتن شاهہ پير جو ميلو

چندر جا گيت فوني تي
۽ ساٿي خان جو هوٽل
اُهيئي مانڊڻيون ساڳيون.(9)

نظم جون اهي سٽون مختلف ڪردارن ڪي بيان ڪن ٿيون.

ادل سومري جي شعري مجموعن ۾ ”سمنڊ جاڳي ٿو“، ”وساري نہ ڇڏجو“، ”نيروليءَ جي خواب“ ۽ ”اجرڪ جهڙي عاشقي“ شامل آهن.

نصير مرزا همعصر دور جو هڪ ناليوارو ليکڪ آهي، هن شاندار نثر سان گڏ خوبصورت شاعري پڻ ڪئي آهي. هن پنهنجي نظمن ۾ مختلف شخصيتن جا پورٽريٽ جوڙيا آهن، جن ۾ ڪردارنگاريءَ جا عڪس آهن، ”ماءُ جو پورٽريٽ“ نالي نظم ۾ هن پنهنجي بيوه ماءُ جي اُداسي ڪي بيان ڪيو آهي:

”بيوهہ اکيون
جنهن جون چڻ بہ
صدين کان
ڪنهن پڙ پانگ حويليءَ جي
در جاري ۾
ٻرندڙ ڏيپ
سدا ملوڪ
وڻندڙ چهرو
هاڻي آ جڻ
ننڍي ڪنڊ جو
ڦاٽل نقشو.“(10)

نصير جو هڪ ٻيو ڪرداري نظم "قلو پٽرا" بہ ساراهڻ جهڙو آهي. هن نظم جي ڪردارنگاريءَ ۾ ڪمال جي جماليات آهي.

"اشاري سان، ڪرٽي ٻڌايو تہ سورج مکيءَ ۾ هو آهي لڪل
پوپٽ ٻڌايو.
گلن ۾ سُتي پيئي آهي، جو آهي ٽڪل!" (11)

نصير مرزا جي ٻين ڪرداري نظمن ۾ "نرمل جيوتاڻي" "شهباز حيدر مرزا" بيدل مسرور جي نالي "سليف پورٽريٽ" "شيدياڻي" ۽ ٻيا شامل آهن "تي نہ سگهيس شاعر" جي نالي سان سندس شعري مجموعو ڇپيل آهي.

حسن درس جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائيندڙ شاعر آهي، سندس نظم جديد فڪر ۽ تهذيبي شعور سان مُنور آهن. سندس لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو مهان شاعر شيخ اياز لکي ٿو.

"حسن درس نظم جو دانشور شاعر آهي." (12)

حسن جو هڪ ڪرداري نظم آهي "ڪانڊيري نالي هو هاري" هي نظم هڪ هاريءَ جي حياتيءَ بابت آهي، جيڪو زرعي زندگيءَ جي مشڪل مرحلن مان گذري ٿو هڪ هاريءَ جي زرعي زندگي اُن جي سماجي بيهڪ ۽ معاشياتي حيثيت کي شاعر ڪمال تخليقي ڀوڳهائيءَ ۽ درد سان بيان ڪيو آهي، نظم ۾ هاريءَ جو نالو "ڪانڊيرو" بہ پنهنجي ڌرتيءَ سان وابستگيءَ جو ۽ زرعي زندگيءَ جي سُڃاڻپ جو مثال آهي. هي نظم هڪ هاريءَ جو شناختي ڪارڊ آهي:

"ڪانڊيري نالي هُو هاري،
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾
ڪانڊيري جو ڏاندن جوڙو
پر سياري ۾ چورن ڪاهيو
جنهن تي ڪُتي ڪيڏو باهيو!" (13)

نظم جي انهن سٽن ۾ هاريءَ جي بيوسي ۽ مٿس ٿيل ڏاڍاين جو ذڪر ٿيل آهي، شاعر هنن پنجن سٽن ۾ نہ صرف پنهنجي ڪردار جو تعارف ٿو پيش ڪري پر سندس زندگيءَ، صحت، معاشي حالت ۽ امن امان جي صورتحال کي بہ بيان ڪري ٿو.

هاريءَ جي گهر ۾ ٿيندڙ پورهئي جو ذڪر شاعر هن ريت ڪري ٿو:

هن جي زال تہ رليون ناهيون،
ڪيڏيون پياريون پليون ناهيون،

جنهن ۾ هن هئي ننڍ ٻه ٽانڪي،
پنهنجو سارو نُور ٻه ٽوپيو،
اُڏريل هر هڪ سُور ٻه ٽوپيو![14]

نظم جي مٿين سِٽن ۾ شاعرَ سنڌ جي عورت جي سگهڙائپ ۽ هٿ جي هُنر کي بيان ڪرڻ وقت ڪردار جي پنهنجي پورهئي سان جذباتي وابستگي ٻه پيش ڪئي آهي، انهن سٽن ۾ ننڍ ٽانڪڻ، نُور ۽ سُور ٽوپڻ خوبصورت شاعراڻيون ترڪيبون آهن.

نُور ۽ سُور سان سبيل پورهئي تي وري سماج جو استحصالي طبقو هينئن راتاهو هڻي ٿو:

”سي ٻه وڏيرين کي ته وڻي ويون،
جيڪي آخر مُفت ڪٽي ويون“[15]

سماجي سجاڻپ کان محروم هاريءَ جي زندگي هنن سٽن کان وڌيڪ دردناڪ اجا ڪيئن ٿيندي:

”هُن جي ڪا ائڊريس نه هئي،
هن جو ڪو گهر نمبر ناهي
ڪالهه مري ويو سيءَ تپ ۾
ڪاڏيري نالي هُو هاري!“[16]

حسن درس جي ٻين ڪردارن نظمن ۾ ”خانم گگوش“، ”رقاصه“ ”مِس اسڪارپيو“، ”استيفي گراف لاءِ“، جينسي ڪرونيي لاءِ هڪ نظم، احمد فراز لاءِ هڪ نظم مُصور، شانتي نڪيتن جي هڪ شام، ڪاروڪاري، ملڪئہ ترنم نورجهان ۽ ٻيا شامل آهن حسن درس جي شاعريءَ جو ڪتاب ”حسن درس جو رسالو“ جي نالي سان ڇپيل آهي.

آسي زميني بيت ۽ وائيءَ جو سگهارو شاعر آهي، اُن سان گڏ هن نظم ۽ آزاد نظم ٻه انتهائي شاندر لکيا آهن جتي سندس بيتن ۽ وائين ۾ ڪردار آهن، اُتي هن جي نظمن، آزاد نظمن ۾ ٻه ڪيترائي ڪردار ملن ٿا. سندس نظم ”موذن“ پنهنجي فڪر ۾ هڪ منفرد نظم آهي. هن نظم ۾ شاعر مسجد جي موذن سان مخاطب آهي، مسجد جي آسپاس ڪنهن غريب پورهيت جو گهر آهي.

”ڪنهن پورهيت جا ڪي پيٽ بکيا
مس هاڻي آهن ٻار سُتا
او موذن ٿورو آهستي
ڏس ٻار متان ڪو پئي جاڳي
۽ پنهنجي ٽريل چُلهه ڏسي

ڪنهن جيجل جو پٽي جيءَ جهري
او موذن تورو آهستي.[17]

نظم جي مٿين سِٽن ۾ شاعر، موذن کي آذان آهستي ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ڇو تہ پرپاسي ۾ ڪنهن پورهيت انسان جا ٻار مس وڃي ننڊ سُتا آهن. آذان جي اُبتڙ پورهيت کي مِل جي گهنڊ جو آواز وڏيڪ وڻي ٿو بقول سندس.

”هي گهنڊ مقدس آ مون لئہ
جو پنهنجي بُک مٽائي ٿو
۽ پنهنجي چُلهہ جي ٻارڻ لئہ
مان چنگ ونان ٿو چمنيءَ کان.“[18]

نظم جون آخري ٻہ سِٽون نظم جو ڪلائيميڪس آهن.

”آنڊن جي هِن شوروغل ۾،
آواز اذان آ بي معنيٰ.“[19]

اهي ٻہ سِٽون پوري نظم جو تتُ پيش ڪن ٿيون. هي نظم هڪ نئين شعري فڪر کي پيش ڪري ٿو هن نظم ۾ خالي مذهب يا عبادت کان انڪار نہ آهي پر هڪ پيٽ بُکئي انسان جي بغاوت ۽ مزاحمت آهي، سماج عبادت کان باغي تڏهن ٿو ٿئي جڏهن هن وٽ بُک ۽ بدحالي راڪاس جيان ڪاهي پئي ٿي. هن نظم ۾ شاعر ڪنهن پيٽ بُکئي جي بک مٽائڻ کي عبادت تي ترجيح ڏئي ٿو هي نظم اڄ جي سماج جي تصوير آهي، هي نظم جديديت جي فڪر جي نمائندگي ڪري ٿو اجوڪي سماج ۾ ”پاڙي ناهہ پروڙ“ جو فلسفو وڌي ويو آهي، سفيد ڪالر ماڻهو عبادتن کي بہ ڏيکاءُ طور ادا ڪري رهيا آهن، ٻئي طرف سماج بُک، بدحالي ۽ اڪيلائيءَ جي ڪري زوال طرف وڌي رهيو آهي.

آسي زمينيءَ جو هڪ شعري مجموعو ”ميٽا جي رُڃ ۾“ ڇپيل آهي.

اسحاق سميجو هڪ ئي وقت غزل ۽ نظم/ آزاد نظم جو سگهارو شاعر آهي سندس نظم جتي رومانوي رنگن سان روشن آهن، اُتي اهي سماجي ڪرب، ڏک ۽ عذاب جو آئينو بہ آهن.

اسحاق جو ڪرداري نظم ”گدلاچند“ اسان جي سماج جي انهن ڪردارن تي لکيل آهي، جيڪي ڏِڪاريل آهن، جيڪي بغير ڇت ۽ پت وارن گهرن ۾ رهن ٿا. هي سماج جا اُهي فرد آهن، جن سان ڪو ڳالهائڻ بہ پسند نہ ڪندو آهي جن جي آس پاس بُک ۽ بدحالي آهي:

”هي قاتل ڪپڙا، مُنهن ميرا
هي نيل ڪنول جڻ نالين جا
هي گدلا چنڊ نصيبن جا
جي سڏجن ڇورا ٻالين جا.“[20]

ٻالين جا ڇورا هن نظم جا ڪردار آهن، جن تي ڪنهن شاعر جي نظر ئي نه وئي آهي، اهڙن ڪردارن بابت سنڌي شاعريءَ ۾ هي پهريون نظم آهي، جيڪو انهن جي زندگيءَ جي مڪمل تصوير ڏيکاري ٿو انهن جي خوابن ۽ محرومين جي ڪهاڻي ٻُڌائي ٿو.

هن نظم ۾ ڪمال جي منظر نگاري آهي، اهڙي منظر نگاري جنهن ۾ عڪس چرڻ پرڻ لڳن ٿا، ۽ ڏک خودڪلامي ڪري ٿو:

”هي چنڊ ڪِڙن جي گٽرن ۾
هي تارا ماريل گردش جا
ڇاڇوليل ساگر لرزش جا.“[21]

اسان جو سماج اهڙن ڪردارن تي سوچڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر انهن کي ڏسڻ به گوارا نه ڪندو آهي، پر هڪ شاعر جي اک ۽ دل انهن کي ڪيئن ٿي ڏسي ۽ محسوس ڪري، اچو ته هي باڪمال سِٽون پڙهون.

”هي تهذيبن تي داغ سهي،
پر آهن هي معصوم خدا،
هي ٺڪرايل هي اُڇلايل،
هي چيپاٽيل معصوم سدا.“[22]

گدلا چنڊ نظم جي تخليقي ڪئنواس، ڏُک، منظرن، عڪسن ۽ ڪيفيتن ۾ تمام وڏو ڦهلاءُ آهي، هي ان موضوع تي لکيل ڪنهن ذخيم ناول کان به وڌيڪ اهميت رکي ٿو. هن نظم جون آخري سٽون نظم جو تَتُ پيش ڪن ٿيون، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ روح لرزي وڃي ٿو:

”تون مان ته رهون ٿا جنت ۾
هي دوزخ چوڙن پائن ٿا
چُپ چاپ مرن ٿا ڍيرن تي
تاريخ سڄي شرمائن ٿا.“[23]

اسحاق هڪ نظم ۾ هڪ اسڪول جو پروفائيل به لکيو آهي، سنڌ جي ڪنهن پسمانده علائقي جو اسڪول سندس نظم جو مُک ڪردار آهي، جنهن ۾ ٻارڙا، پوپٽ، ورق،

سبقَ، چارٽَ، ڪوريڊوري، ٽيبل، ڊسٽر، بورڊ، بينچون، ڏوڙ، گهنڊ، ٻير جو وڻ، خوف، رول ۽ سُڄ جو غاليچو ثانوي ڪردار آهن.

هي نظم رڳو هڪ اسڪول ۽ ان جي ڪلاسن جي تصوير ناهي، پر هي نظم هڪ بند پيل اسڪول جو چرندڙ پرندڙ جسم آهي، هن نظم ۾ اسڪول جي خوف ورتل دل ۽ ڏوڙ سان پريل اُن جون ڏڙڪنون ۽ رڙيون ڪندڙ خاليپڻو آهي، هن نظم ۾ ديوارن جا چاپڙ چرپر ڪن ٿا ۽ چارٽ پڻڪن ٿا، گُلن جي تازگيءَ کان محروم هن اسڪول ۾ خاموشي ۽ خوف سنڌ جي تعليمي تباهي ۽ ناڪام تعليمي پاليسيءَ تي ماتم ڪن ٿا:

”ڏوڙ بينچن تي آهي آرامي
گهنڊ خاموش ٻير ۾ لڙڪي
چارٽ ديوار تي ٿا پڻ پڻ ڪن
ننڍ پيو آ ڪتاب ۾ پوپٽ
ٻارڙا ٻئي صفعي تي ڪيڏن ٿا
خوف چاٽي چڏيو آ باغيچو
صحن ۾ سُڄ جو آ غاليچو.“(24)

هي نظم جتي سماجي حقيقت نگاري جا عڪس پيش ڪري ٿو اُتي ان ۾ جادوئي حقيقت نگاري (چارٽ جي ديوار تي پُڻ پُڻ) بہ ملي ٿي. اسحاق سميجي جي شعري مجموعن ۾ ”صدا بيچين آهي“، ”گناهہ جا گيت“ ۽ ”مورنگر تي مينهن“ ٻئي طرف قبيلو هوشامل آهن.

احمد سولنگي نظم/ آزاد نظم جو مجيل شاعر آهي، سندس نظم ۾ مختلف فڪري لاڙا مِلن ٿا، هُو پنهنجي تخليقي اُٽت ۾ سچيت تخليقڪار آهي.

احمد جو نظم ”هُيمرو ڪولهي“، ”پار ڪري پوڙهي ڪُڙميءَ“ بابت آهي هي نظم حسن درس جي نظم ”ڪانڌيري نالي هُوهاريءَ“ جو تسلسل آهي.

هن نظم ۾ شاعر پنهنجي ڪردار ”هميري ڪولهيءَ“ جي سڃاڻپ هيئڻ ڪرائي ٿو:

”پار ڪري هُو پوڙهو ڪُڙمي
جوڳ انهيءَ وٽ جاڳ انهيءَ جي
پيرَ اُگهاڙا واٽ اُنهيءَ جي.

ٻُڪ ۾ پاٽي پيئندڙ پوڙهو
رنگ جو ڪارو ڪن ۾ والي.(25)

نظم جي هڪ سِٽ:

”ٻُڪ ۾ پاڻي پيئندڙ پوڙهو“ ڪردار جي معاشي بيهڪ کي واضح ڪري ٿي. شاعر ڪردار جي سماجياتي بيهڪ هيئن بيان ڪري ٿو:

”پرڻو اُن جو مرڻي جهڙو
کهڙا گهو ٿيتا ۽ ساڏي
کهڙا ڄاڃي، کهڙا ڪانڌي؟“ (26)

مٿين سِٽن ۾ شاعر، ڪردار جي سموري سماجياتي پهلوءَ ۽ ان جي معاشرتي ڍانچي ۽ ريت روايت کي بيان ڪرڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي، جنهن ماڻهوءَ جا نہ ”ڄاڃي“ هُجن نہ ڪانڌي، ان جي اڪيلائي ڪيڏي عذابناڪ هوندي، ويتر سندس ”زالون“ مري ويون هُجن ۽ گهر ۾ نہ ”پٽ“ نہ ”نهرون“ هجن:

”زالون اُن جون موت مري ويون
پٽ نہ نُهرون، اڱڻ اڪيلو
کهڙو اُن جو ڪُڙم قبيلو؟
گهر لوڙهي ۾ هڪڙو پوٽو.“ (27)

هن نظم ۾ هڪ ڪُڙميءَ جو ڪردار ڀرپور ڪماليت سان تخليق ڪيو ويو آهي، ان جي پوڳنا کي بلڪل ڀرپوريت سان بيان ڪيو ويو آهي.

نظم جي ٻولي ۽ منظر نگاري بہ شاندار آهي.

احمد سولنگيءَ جي شعري مجموعي جو نالو ”خواب آواره پکي“ آهي.

حسن مجتبيٰ جديد نظم/ آزاد نظم ۽ نثري نظم جو مڄيل شاعر آهي سندس نظمن ۾ جديد فڪري لاڙا ۽ معنوي وسعتون آهن.

”هيمون ڪالاڻي“ جي ڦاهي چڙهڻ واري وارتا کي هن پنهنجي نظم ”21 جنوري“ ۾ تخليقي ڪماليت سان قلمبند ڪيو آهي، هي نظم سنڌ جو اتهاس آهي، جنهن ۾ صدين جو ڏک سمايل آهي!

”سنڌ جي آڪاش تي
روز ڪا ڦاسي سڄي ٿي.
ڏاڍ سان ڏرتي ڏڄي ٿي
۽ فرنگي راڄ جو پُورو ڪتو
پونڪي پيو.“ (28)

ڪنهن بہ جديد شاعر لاءِ سياسي شعور ضروري هُجي ٿو ۽ هن نظم ۾ حسن مجتبيٰ جو سياسي شعور ۽ سماجي ساڃاهہ ڏسي خوشي ٿئي ٿي. اڄ جو جديد شاعر صرف

رومانوي رنگن سان راند نہ ٿو رهي پر اهو پنهنجي تاريخ، سماج ۽ مٽيءَ سان جذباتي وابستگي بہ رکي ٿو. ڪرداري نظمن جي حوالي سان هي نظم سنڌي شاعريءَ جي آڪاش تي ڪنهن چنڊ جيان آهي.

”جيل هو سنتري بائيبل پڙهي ٿو
پر هو منهنجو هم عمر ۽ هم شهر
هيمون ڪالاڻي مگر
ڦاهيءَ چڙهي ٿو.“ (29)

حسن متجبيٰ جي هن نظم بابت شيخ اياز لکي ٿو:

حسن مجتبيٰ جي نظم ”21 جنوري“ ۾ پنهنجي دور جي عڪاسي آهي، جا ايتري چٽي ۽ بي پئي آهي جو ان جي وڏيڪ وائڪائي ۽ کول اجائي آهي . ڪافي ڪامياب نظم آهي ڪاش! حسن مجتبيٰ ان ۾ ڪجهہ اصلاح جي گنجائش ڇڏي ها!(30)

حسن مجتبيٰ جو شعري مجموعو ”*کوئل شهر کی کتھا*“ ڇپيل آهي.

سعيد ميمڻ بنيادي طور غزل جو شاعر آهي، هن جديد سنڌي غزل ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن، هن ٻين صنفن ۾ بہ ڀرپوريت سان لکيو آهي. سعيد هڪ ڪرداري نظم مهان شاعر شيخ اياز بابت لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي. سمنڊ جي ڪناري تي اياز سوچي ٿو هن نظم ۾ شاعر شيخ اياز کي فلئش بيڪ ۾ وٺي وڃي ٿو. هي نظم ناسٽيلجيا کي ظاهر ڪري ٿو. نظم يادن کي ماضيءَ جي جهروڪن مان ڪڍي اچي ٿو.

شيخ اياز متعلق لکيل هي نظم احساساتي وڏيڪ آهي، ان ۾ اياز جي شخصي ۽ شاعراڻي ڪردار جي گهڻي اوک ڊوک ٿيل نہ آهي:

رات ٿي وئي آهي
دور دور تارن سان
آسمانُ جاڳي ٿو
چڻ تہ ڪو ڪهاڻين سان
داستانُ جاڳي ٿو
چنڊ واري صُورت ۾
ڪو نشانُ جاڳي ٿو
چڻ تہ آهہ ڪو هُن ۾
هي گُمانُ جاڳي ٿو
ڇو زمان جاڳي ٿو

ڇو مڪان جاڳي ٿو
نيٺ ڪنهن جي اوسيئڙي
هي جهانُ جاڳي ٿو؟"(31)

هي نظم هڪ ڪردار جي ذهني ڪيفيتن، سوچ جي لوچ ۽ اندر جي اونهاين ۾ ڦهليل يادگيرن ڪي شاعراڻي اظهاري ٿو.

سعيد ميمڻ جي شعري مجموعن ۾ "نيڻ سفر ۾"، "ڪاري بر ۾ چنڊ"، "خواب چارا"، "اسان جو عشق اڻپورو"، "درد جون آيتون"، "دل دنبورو"، "آلا ڏڳ برسات جا"، "آئون لهر سمونڊ جي"، "ازل جو آڏاڻو"، "خالي آڪيرو" شامل آهن.

سردار شاهه نظم جو باڪمال شاعر آهي، هن شاعريءَ ۾ شهرن جا پروفائيل لکيا آهن. 'سان فرانسسڪو' سندس اهڙو نظم آهي، جنهن ۾ سان فرانسسڪو جو حُسن سمايل آهي. سان فرانسسڪو پيسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي آمريڪا جو هڪ حَسين شهر آهي.

شاعر هن نظم ۾ شهر جي حُسن کي تخليقي جادو بيانيءَ سان اظهاريو آهي.

شهر جنهن جي آ گُلن سان گفتگو
شهر جنهن جي پوپٽن سان گفتگو
مان ته پُورب جو پکيئڙو
پيون ڇپّان جنهن جون ڳليون

شهر جنهن کي ڪنهن مُصور ماڪ ويلي
ڇڻ پکيءَ جي اک مان ڪوري رکيو

ڪنهن تکي تلوار جهڙو
پار جهڙو، پيار جهڙو
خيال ۾ ڪيڙيل شهر
ڏنڌ ۾ ويڙهيل شهر." (32)

شاعر پنهنجي تخليقي روشنيءَ سان ڏنڌ ۾ ويڙهيل شهر جو ڪوهيڙو هٽائي، ان کي ڪاغذ جي ڪينواس آڻي ٿو ته شهر ڳالهائڻ لڳي ٿو ۽ اُن جو حُسن گفتگو ڪرڻ لڳي ٿو 'پکيءَ جي اک مان ڪوريل شهر' اُڏامڻ لڳي ٿو.

هن نظم ۾ فطرت جي اٿاهه خوبصورتيءَ کي شاعر پنهنجي قلم سان ڪوري ڪاغذ تي رکيو آهي.

ان کان علاوه ٿائلينڊ جي مشهور بيچ پٽايا بابت به سندس نظم آهي، جنهن ۾ پڻ فطرت جي حُسن کي تخليقي نُدرت سان اظهاريو ويو آهي.

سردار شاهه جا هي ٻئي نظم، شاعريءَ ۾ شهر ۽ ٻيچ جا پروفائيل آهن. جديد شاعريءَ جي اها به هڪ خوبي ۽ خوبصورتي آهي ته ان صرف انسانن کي ئي نه پر فطرت جي حُسن کي به ڪردار ڪري پيش ڪيو آهي. هي ٻئي ڪاڪ ڪڪوريل نظم جديد سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي منفرد شناخت سان موجود رهندا.

سردار شاهه جو "اڪبر بگٽي" بابت به هڪ شاندار ڪرداري نظم آهي. اڪبر بگٽي هڪ شخص نه بلڪ هڪ مڪمل ديس هيو هُو واٽ نه پر وطن هيو. هڪ اهڙو وطن، جنهن کي پنهنجو آڪاس، پنهنجي ڌرتي پنهنجي رات ۽ پنهنجو ڏينهن هيو.

هُن دونالي مان ڌرتيءَ کي
ڪنهن پاريهر جيان پاتو هو
آ باهه بدن لئہ ساهه جيان
هُن چر مان چاپي چاتو هو."[33]

اڪبر بگٽيءَ وٽ شعور جي چر هئي جنهن مان هن "گهٽو ڪجهه" چاتو هو. هن لاءِ وطن بيحد مُقدس ۽ ملهائتو هو جيئن هو پاڻ شخص نه پر ديس هُيو بلڪل ائين "قوم" هن لاءِ "قبيلو" هئي.

روبينہ ابڙو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. هوءَ غزل جي صنف ۾ جديديت واري لاڙي جي شاعره آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانيت، تصوف ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جا عڪس گهرا آهن. روبينہ جي نظم بابت راءِ ڏيندي اعجاز منگي لکي ٿو "سندس نظمن جي اندر خيال سمنڊ جيان گهرو ۽ مضطرب آهي، هن سماج جي ڪيترن ئي ڏُکن واقعن تي قلم کڻي پنهنجن نظمن کي تمام گهڻي وسعت ڏني آهي. تشبيهون، استعارا پنهنجي ڌرتيءَ جا، پنهنجي مٽيءَ جا حوالا تاريخي تذڪرا ۽ ڏمثيلون سندس نظمن کي نه صرف خوبصورت بڻائن ٿيون، پر روبينہ جي سوچ جي وسيع ڪينواس جي پڻ نشاندهي ڪن ٿيون." [34]

روبينہ ابڙو پنهنجي نظم "ڳوٺ کي هڏڪي لڳي ٿي" ۾ پنهنجي ڳوٺ "ڳيريلي" جو پروفائيل لکيو آهي، هوءَ ان نظم ۾ ڳوٺ کي ڪردار بڻائي ناسٽيلجيا جا ڪيئي عڪس، ننڍا ننڍا ڪردار ۽ سارون ٿيون سهيڙي ٿي. هي نظم يادگيرين جي هڪ ندي آهي، جنهن تي ڪيترائي ڪردار چنڊ بڻجي ترڻ لڳن ٿا:

"منهنجي گهرجي هُن اڱڻ جي
نم پوڙهي ٿي وئي آ
منهنجون جنهن سان هيڪلاين ۾ هيون
ڳالهيون سليل

۽ پپل جي روح ۾
آواز منهنجي جا پڙاڏا
اڄ بہ ٿا گونجن پيا.

خيال منهنجي جا ڪبوتر
اوچتو پڙڪو ڏئي اُڏري وڃي
ڳوٺ جي ان هيڪلي سنسان ميخاني جي ڇَنَ تي
ماٺ ٿي ويهي رهن ٿا
جنهن جي جهُوني جهُوپڙي ۾
جڻ تہ هڪ صوفيءَ جو روح هو قيدي ٿيل.“ (35)

نظم جو فڪري سفر مختلف ڪردارن سان سلهاڙيل آهي، جيڪي شاعره جي تخيل ۾ ڪَرَ موڙي جاڳي پيا آهن. شعري اُڻت جي حوالي سان پڻ هن نظم ۾ رواني، شعريت ۽ تشبيهن ۽ استعارن جو حَسين استعمال ٿيل آهي.

روبينہ جو هڪ ٻيو ڪرداري نظم ”ڏاهر سوچي ٿو“ آهي، جيڪو سنڌ جي وارث ”راجا ڏاهر“ جي باري ۾ تخليقي ٻيتا جو شاندار مثال آهي ۽ هي نظم پڻ ناستيلجيا کي ظاهر ڪندي ماضيءَ جي سمنڊ ۾ هڪ ٽٻيءَ وانگيان آهي، جتان سارُن جون ڪيئي سِپيون ۽ يادُن جا ڪيئي موتي نڪري اچي پنهنجي سُجاڳ ڪرائن ٿا اهي يادگيريون ڪردارن جو روپ وٺي نظم جي شناخت پڌري ڪن ٿيون:

”منهنجي ساري سنڌ ازل کان
پاريهر جو آکيرو هُئي
امن پکين جو واهيرو هُئي

تہ جڻ سنڌ جو سينو آهي
ڪارونجهر آ امن انهيءَ جو
دريا سپ جو دوست رهيو آ.

ڪالهہ قبر مان پُوري جو جنهن
لاش ڪڍيو هو.
ڏرتيءَ مان جڻ روڙي منهنجو
ماس ڪڍيو هو.

دريا جي پاڇاڙ تي بيٺو
ڏاهر سوچي ٿو[36]

هي نظم تمثيلي انداز ۾ لکيل آهي. راجا ڏاهر تمثيل طور هن نظم ۾ ڪردار بڻجي آيو آهي هي نظم سنڌ جي ماضيءَ جي امن ۽ حال جي انتشار کي بيان ڪري ٿو. هن نظم ۾ ويجهر ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ جي شڪار ٿيل "ڀُوري ڀيل" جو ڪردار به آهي، جنهن جي ڀُوريل لاش کي قبرستان مان ڪڍي ڦِٽو ڪيو ويو. روبينہ جي شاعريءَ جي هڪ اهم سُڃاڻپ مذهبي انتها پسنديءَ خلاف آواز اٿارڻ به آهي. سندس نظم جي سٽ احتجاجي جلوسن ۾ هڪ مضبوط سلوگن جو روپ اختيار ڪري چُڪي آهي.

روبينہ ابڙو جي ٻين ڪرداري نظمن ۾ ڳوٺ کي هڏڪي لڳي ٿي (ٻيو حصو) ڇي گويرا، مذهب کان انسان وڏو آ، سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو، سڀين جي نانءُ ۽ ٻيا شامل آهن.

روبينہ ابڙو جو شعري مجموعو "قدم کان عدم تائين" 2015ع ۾ ڇپيل آهي.

رفيق سيال نظم/ آزاد نظم جو چاتل سڃاتل شاعر آهي، هُو پنهنجن نظمن ۾ ڳُوڙهو دلفريب ۽ سگهارو شاعر آهي. رفيق جو نظم "شيولي" هڪ اهڙي ڇوڪريءَ بابت ڪرداري نظم آهي، جيڪا خانہ بدوش قبيلي سان تعلق رکي ٿي، شيولي حُسن جي علامت آهي، جنهن جي حُسن کي شاعرَ ڪمال ڪاريگري ۽ بيحد تخليقي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي، حُسن جي اهڙي دلپذير تصوير ڪشي ۽ جادوبياني مون گهٽ تخليقن ۾ پڙهي آهي:

"شيولي جنهن جو بدن
نئون اناج
سپ بکايل
آسرا اک ۾ ڪٽي
ڪيس ڳوليندا هيا.

شيولي جنهن جو مزاج
پيئڻ ۾ جهڙو پنير
رُوح جي خانہ بدوشيءَ ۾ سُتل
اڌ اُگهاڙي آرزوءَ جهڙو عذاب"[37]

سماجي حواليءَ سان هِت هُت پٽڪندڙ هڪ خانہ بدوش حسين ڇوڪري جي حُسن، ان جي نزاڪت ۽ جمالياتي پهلوءَ کي هن نظم ۾ شاعر تخيل جي لازوال سُونهن عطا ڪئي آهي، اهڙا ڪردار سماج ۾ هر هنڌ موجود هُجن ٿا، پر هڪ شاعر جي اک انهن کي پنهنجي ڪلا سان سهيڙي تخليق جي آڪاش جو چنڊ بڻائي ڇڏيو آهي. هن نظم ۾ حَسين تشبيهون ۽ استعارا روشنيءَ جي ڪرڻن جيان نڪرندي محسوس ٿين ٿا. شاعر پنهنجي مڪمل تخليقي سچائيءَ سان هن ڪردار جي صورتگري ڪري ان کي بي مثال بڻائي ڇڏيو آهي!

”هُوءَ لڏائو رقص ۾ وهنجي جڏهن
آڱرين ۾ سينڌ ويڙهيندي هئي
وارَ هُن جا چيچ ۾ چوڙين جيان
ڦرندا هُيا،
هُوءَ ڇپن ۾ نيڻ ڀئي ٻاري جڏهن
شهر ۾ ايندي هئي
ڄڻ تہ نيزي ڀاند تي سورج چڙهي ايندو هيو.“ (38)

رفيق هن نظم ۾ حُسن جي تخليق ڪئي آهي.

نظم جون ڪلائيميڪس واريون سِٽون پڙهڻ کان پوءِ اکين مان ڇڻنگون نڪري وڃن ٿيون:

”شيولي ڪيڏانهن وئي
ڪاڏي وئي
ڪو پتو ڪين آهي دوستو!
سڀ سبيل ڪپڙا ڪٽي وئي شهر جا
شهر جيڪو
هاڻ ننگو ٿو رهي!!“ (39)

هي نظم سماجي خدو خال جا سڀ رويا پڌرا ڪري ٿو هڪ اهڙو ڪردار جيڪو خانہ بدوش آهي، اُهو سماج جي ساري ڪُوڙي شرافت جا بُت ڪيرائي ٿو رفيق جي هن ڪردار ۾ اڏي تخليقي سگهہ آهي جو اُهو سڄي شهر جا بنياد لوڏي سگهي ٿو.

هي نظم جمالياتي حُسن سان گڏ سماجي حقيقت نگاريءَ جو هڪ نئون ڀرپور مثال آهي.

علي دوست عاجز جديد سنڌي شاعريءَ جو باوقار شاعر آهي، هُو وائي ۽ غزل ۾ روانيءَ سان لکندڙ هڪ تخليقي شاعر آهي. هن نظم بہ لکيا آهن، سنڌس هڪ ڪرداري

نظم آهي، جيڪو هن پنهنجي ماءُ کي سارينديءَ لکيو آهي. نظم ۾ وڏو ڪردار 'اُداسي' آهي جيڪا پُوري نظم کي ائين لِڪائي ويئي آهي، جيئن ڪُڪِڙ پنهنجي ڪوڙي هيٺان چُوزا لِڪائيندي آهي.

"فرش تي رِلي پئي هئي
سُئيءَ ۾ سڳو پيو هو!
زندگيءَ جي چولي جو
اُڌڙجي تڳو پيو هو!"[40]

نظم ۾ اُداسي جيئن جيئن وڌي ٿي، ان مان ڪردار تيئن تيئن واضح ٿي نڪري ٿو:

رئڪ تي ٽِڪيون پيو هيون
تار تي تي وڳو پيو هو!
'پاس' تي امان سائڻ
جو ڦونڙو لڳو پيو هو![41]

هي نظم ڏک جي اُداسيءَ ۾ ويڙهيل هڪ ماءُ جو پورٽريٽ آهي.

سندس هڪ ٻئي ڪرداري نظم "ڪاڪي جوسب سان" ۾ ڪردارن جي هڪٻئي سان ڪچهري آهي، اُهي ماضيءَ کي ساري ڳالهين جا ڇيڙا مِلائن ٿا.

"ڪاڪا جوسب ڪير ٻه هاڻي،
ڳالهه نه ڪابه ڳُجهارت ڏئي ٿو! [42]

گاهي خان متي تي ويو آ
جيڪو جڳ کي دعوت ڏئي ٿو
ورند ويچارو، روئندي روئندي
منهنجي ڳوٺ جي پارت ڏئي ٿو. [43]

"ڪاڪو جوسب"، "گاهي خان" ۽ "ورند" ماضيءَ تي ويل لوڪ ڏاهپ جا ڪردار آهن، جيڪي شاعر جي حافظي مان نڪري پنهنجن وڃايل قدرن ويچارن ٿا.

خليل ڪنڀار نظم جو مقبول شاعر آهي، سندس نظم ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ سان پرپور ۽ پنهنجي مٽيءَ جي ڪردارن جي ڪري بيحد نرالا آهن. خليل جي سُڃاڻپ ئي سندس ڪرداري نظم آهن، سندس ڪرداري نظمن جي باري ۾ ناميارو نقاد ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو:

"هن جا نظم ٿر جي زندگيءَ سان گڏوگڏ ساهُ کڻن ٿا، خاص طور هن جا ڪرداري نظم جهڙوڪ "لاکو ڦلاڻي" ۽ "گنگا جتڻ" لوڪ داستانن

جي ڳايل ڪردارن جي تجديد محسوس ٿين ٿا. ڪرداري نظمن ۾ هن ڪردارن جي صورت ۽ سيرت سان گڏ انهن جي مٽيءَ ۾ موجود پنهنجي وطن ۽ ويليوز Values جي خمير ڪي جنهن نرالائي ۽ ڳوڙهائيءَ سان ڪتب آندو آهي، تنهن جو ڪيس داد نه ڏيڻ زيادتي ٿيندي، هن انهن نظمن وسيلي نوان هيروز دريافت ڪيا آهن ۽ اُجهاٽل ڏيئن ۾ روشني پيري آهي."(44)

خليل ڪنڀار جو ڪرداري نظم گنگا جتڻ پنهنجي ڪلاسڪ سان ڳنڍيل ناتي جو تهذيبي پڙاڏو آهي.

گنگا جتڻ هاٽوڪي بدين ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ پٽائيءَ جي مُريدياڻي ۽ سندس شاعريءَ جي پهرين حافظ هئي.

الله بچايو راهوڪڙو لکي ٿو:

"گنگا جتڻ جو شاهه جي شاعريءَ سان ايڏو ته لڳاءُ هو جو سندس ڳوٺ جون عورتون، پنهنجين شادين ۾ بين عام گيتن بدران پٽائيءَ جون وايون پڙهنديون هُيون ۽ مرتئي تي روئڻ بدران شاهه جي ورلاپ وارا بيت ۽ وايون چونديون هيون." (45)

شاعر گنگا جتڻ جي پٽائيءَ لاءِ اُڪيرَ هيئنئن بيان ڪري ٿو:

"سارو ياد رسالو هن کي
راتيون جاڳي ڳائيندي هئي
آڌاٽي تي ڪيس نئون هوءَ
سال نيئن لئہ تاهيندي هئي."(46)

۽ وري پٽائي گنگا جتڻ کي هيئن ساري ٿو:

"پٽ تي سوچي وينو پٽائي
ڪيڏو مون کي پائيندي هئي
هن کان ڏاران جيڪا گهاري
مونن ۾ مُنهن پائي گهاري(47)

نظم جون آخري ٻہ سٽون هڪ الميي طرف اشارو ڪن ٿيون:

"ان جي بتي اڳ الاڙي
مينهن وساڙڻ مهڪائي تي

ان جي بني هيل الاڙي
بم لڳي ٿو ڏاهيندا
بم لڳي ٿو ڏاهيندا.“(48)

هي نظم جيتوڻيڪ هڪ ڪلاسيڪي ڪردار جي صورت نگري ڪري ٿو پر گڏوگڏ ان ڪردار جي آخري آرامگاهہ تي بم لڳڻ جي انديشي کي ظاهر ڪري هُو پنهنجي ڪردار کي حال تائين ڪٺي اچي ٿو. ائين هي نظم ٻن مختلف دورن کي ”مينهن وساڙن جي مهڪائڻ“ ۽ ”بم سان ڏاهڻ“ جي علامتن سان ظاهر ڪري ٿو.

خليل ڪنڀار جي شاعريءَ ۾ اڪيچار ڪردار ساهہ کڻن ٿا، هُو پنهنجي تخيل کي ڪردارن جي صورتگريءَ وسيلي سُڃاڻپ ڏئي ٿو. هن وٽ نہ صرف انساني ڪردار، پر پکي، نديون، پهاڙ، ڳوٺ ۽ شهر بہ ڪردار ٿي ڳالهائن ٿا.

”ڳوٺ“ جي عنوان سان سندس هڪ ڪرداري نظم پاڻ ۾ جتي تخيل جي نواڻ رکي ٿو اُتي اهو جمالياتي پهلوءَ سان جديد سنڌي شاعري ۾ هڪ حَسين، جواڻ ۽ رنگين حوالو ٿِي پنهنجي سُڃاڻپ بڻجي ٿو:

”ڳوٺ جنهن جو هر اڱڻ
چنڊ اُجاري ٿو وڃي

ڳوٺ جنهن جي شام هر
ڪنهن سُهاڳڻ نارِ جيئن

ڳوٺ جنهن جي ڪوهہ تي
ڪل وڃائي چنگ ٿي.

ڳوٺ جنهن پنهنجي ڪٿا
لوڪ گيتن ۾ لکي.(49)

شاعريءَ ۾ ڳوٺَ جو هڙو حَسين پروفائيل لکڻ خليل جي تخليقي ڪماليت ۽ فطري حُسن سان جذباتي وابستگيءَ جو سڄو ثبوت آهي، ۽ شاعر جي فطرت سان وابستگي ئي ڪيس تخليقي دوام بخشڻ لاءِ اهم وسيلو آهي.

خليل ڪنڀار جي شاعريءَ جو مجموعو ”ڀڳي هڏ جئن ڏکان آئون“ 2018ع ڇپيل آهي.

رڪيل مورائي پنهنجي ٿهيءَ جو سُڄاڻ شاعر آهي. سندس ڪرداري نظم ”جاڙو خان“ جو ڪردار ملهائتي ماڻهو جي شخصيت کي ظاهر ڪري ٿو جنهن جي سماج ۾ سُڻي

ڪارپٽ آهي، جيڪو سماجي قدرن جو امين سڏيو وڃي ٿو شاعرُ سندس خاڪو هن ريت چٽي ٿو:

قد جو پورو، ڪٽڪ رنگائون،
جسم سگهارو، هڏ ماسائون
چهري تي سورج جي جوتي،
مُرڪي، ڇڻ جرڪن پيا موتي. (50)

نظم جو ڪردار ”جاڙو خان“ سنڌي سماج جي قدرن جو امين ۽ روايتن جو رکوالو آهي، هُو مڪمل طرح هڪ آئيڊل سنڌي ماڻهوءَ جي ڪردار طور پنهنجي سُڃاڻپ رکو ٿو شاعر سندس شخصي اوصاف هن ريت بيان ڪري ٿو:

”تر ۾ هن جو ناءُ پيارو،
اوڙي پاڙي جو هُو پيارو
وقت تي هٿ وڌائي ڄاڻي
ياري خوب نڀائي ڄاڻي
اوکيءَ سوکيءَ سڀ جو ساٿي
سڄ اُڀرئي کان سانجهيءَ تائين.“ (51)

هي نظم سماج جي اهڙي ماڻهوءَ جو خاڪو پيش ڪري ٿو جنهن جو ڪردار سماج جي آئيني ۾ صاف سٿرو، اخلاقي اعتبار کان متيرُ ۽ روايتن کان ڳٽوان ڪردارُ آهي. اسان جي اڄوڪي سماج ۾ اهڙن ڪردارن جو هُجڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ آهي، ڇو تہ اڄوڪو سماج زوال طرف تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي.

فياض لطيف هڪ محقق ۽ نقاد آهي، پر هُن شاعري بہ ڪئي آهي.

سندس ڪرداري نظم ”جمعو هاري“ هڪ هاريءَ جي المياتي ڪهاڻي آهي نظم جو ڪردارُ پنهنجي ابن ڏاڏن کان هاريپي واري ڪِرت سان سلهاڙيل ۽ پورهئي سان پيارُ ڪندڙ آهي.

”پورهئي سان آ هُن جي ياري
پورهئي سان هُن پيڙهين رشتو،
هُن جو پيءُ ۽ ڏاڏو پورهيت،
هُن جو نانو مامو پورهيت
پورهئي سان هُن ازلي ياري
پورهئي جو هُو جنم پوڄاري.“ (52)

هن نظم ۾ پوتارن جي ڪردار جي اوک ڏوک بہ ٽيل آهي تہ اُهي ڪيئن پنهنجي حرفت سان هڪ اڻ پڙهيل هاريءَ جو استعحصال ڪن ٿا:

"ليکو چوکو ڪونہ هو جاڻي
توڪل جو هُن ترهو تاڻي
هر پيري هو پاڳ تي پاڙيو
ڪنڌي ۾ ويا رئيس ڪٽي ها
هُن جي ساري ٻارِ ٻهاري
هيڪل هُو ٿو هنجون هاري" (53)

هن نظم ۾ شاعر هڪ هاريءَ جي ڪرت سان لاڳاپيل لفظ ۽ اصطلاح بہ استعمال ڪيا آهن، جيئن پاڄاري، ڳاهُ، ڪيڙي، سنگها، ڪِڙ، ڪرو، ٻارِ، هَرُ، ليکو چوکو، ڪک ڪک ميڙڻ، قرض ۾ ڪارو وغيره.

وڏيرن جي ظلم ۽ استعمال جو شڪارُ ٿيل هاري "جمعو" جُوا ۾ پناهہ ڳولي ٿو ۽ ويتر سندس معاشي حالت خراب ٿي وڃي ٿي:

"بيشڪ جمعو ڀلو هاري،
پر هُو ٿي پيو گٽنگ جُواري،
هيل فصل ٿيو چڱو هُن جو
پر هُو قرض ۾ آهي ڪارو،
الهو تلهو هُن هارايو.(54)

فياض لطيف جي هن نظم تي موضوعاتي، فڪري ۽ ڪرداري حوالي سان حسن درس جي نظم "ڪاڏيري نالي هُو هاري" جو اثر آهي، ٻنهي نظمن ۾ فڪري هڪجهڙائي آهي.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز جي هاريءَ بابت ڪرداري نظم جي تخليقي سلسلي کي حسن درس، جان خاصخيلي، فياض لطيف ۽ ٻين اڳتي وڌايو آهي. فياض لطيف جا شعري مجموعا دل جي خانہ بدوشي ۽ چنڊ ڪڪر جي اوٽ، ڇپيل آهن.

امر اقبال غزل، نظم ۽ آزاد نظم جو حَسين شاعر آهي هن ڪجهہ ڪرداري نظم بہ لکيا آهن، جن مان هڪ نظم مير علي نواز "ناز" جي نانءُ بہ آهي مير علي نواز "ناز" خيرپور رياست جو والي هُيو جيڪو "بالي ءَ" جي عشق ۾ فقير بڻجي ويو. اِهو عشق جو ڪمال آهي تہ اهو فقير کي والي ۽ واليءَ کي فقير ڪري ڇڏيندو آهي.

مير علي نواز "ناز" دل جي دڳ تي هلي تاج ۽ تخت جي دُنيا ڇڏي برهہ کي پنهنجو بخت بڻايو:

سيئي تحت تخت پنهنجي اکين مان ڪيڍي،
رڳو دل جي آڳر ڪي پڪڙي ڇڏيئي
برهہ بخت وانگر تنهنجي پيچرن ۾
اهو دلربا جو هيو درد جيڪو
اهو درد زنجير وانگر ڪري
سڄي جوءِ ڪي ٿي تہ جڪڙي ڇڏيئي.[55]

هن نظم ۾ هڪ عاشق جي عشق کي ڪردار بڻايو ويو آهي امر جو هڪ ٻيو ڪرداري نظم ”چاچا شاعرُ زنده باد“ جڳاڙي تُڪبندي ۽ مصنوعي شاعر بابت آهي، جيڪو سستي شهرت خاطر پنهنجي غير معياري شاعريءَ جي اجائي تعريف ڪرائڻ لاءِ ”بي سمجهہ“ ماڻهن جو حلقو جوڙي ٿو:

”شعر نہ ٿيا جڻ ڇانهيون آهن
جن کي سجائي تون ريڙهيءَ تي
در در ٿو ڏين هوڪا شاعر“[56]

هي نظم سماج جي انهن شاعرن تي طنز آهي. جيڪي اجائي ”واهہ واهہ“ جي پٺيان هوندا آهن.

رحمت پيرزادو غزل ۽ نظم/ آزاد نظم جو برجستو شاعر آهي، رحمت جي نظمن ۾ رومانيت سان گڏ ڪردار بہ مِلن ٿا، هُن نوري ليلان ۽ سهڻيءَ تي خوبصورت ڪرداري نظم لکيا آهن.

سندس نظم ”گهڙي جو گهاءُ آ سهڻي“ سهڻيءَ جي عشق جو آلاپ آهي. ڏِسجي تہ ”سهڻيءَ“ تي شاهہ لطيف جي سر سهڻيءَ کان پوءِ وڌيڪ شاعريءَ جي گنجائش نہ ٿي نڪري، پر رحمت پيرزادي پنهنجي تخليقي سگهہ سان گُنجائش ڪيڍي ورتي آهي.

”اُهو بس عشق جو درياهہ
انهيءَ ڪچي گهڙي سان پار ڪرڻو هو
اِهو سهڻي پئي سمجهي
ڪنيارڻ ذات جي سهڻي
گهڙي جو گهاءُ بڻجي وئي!
پڪاجن پيي پئي ڳوليا
اُهي پٺتي ويون رهجي
مگر سهڻي گهڻو اڳتي وئي نڪري!“[57]

هن نظم ۾ شاعر پنهنجي ڪردار جي ڪرداري سگهه ۾ سچاڻپ برقرار رکندي ڪردار جي فڪري خوبصورتيءَ کي بہ بيان ڪيو آهي.

”سوين سهڻيون انڌاري رات کي
روشن ڪرڻ جي لئہ
ترن ٿيون تار دريا مان!“

”جتي سهڻي لتا پنهنجا نپوڙي ٿي
اُتي ميهار مرندا هِن
جتي درياءَ دهشت جا
بہ دم توڙي وجن ٿا پيا
اُتي هي عشق عورت جو تري ٿو تار پاڻيءَ ۾.“ (58)

رحمت پيرزادو جي شعري مجموعن ۾ ”ڪليسا جي دريءَ مان چنڊ“، ڪينڊل لائيٽ، خمار گيت چاندني، دلين جا داخلي رستا، خدائي رقص ۾ آهي، سڀ اڌورا غزل، ”هوا جو رنگ ناسي آ“، شامل آهن.

علي صفدر جديد سنڌي غزل جو مضبوط حوالو آهي هن نظم گهٽ لکيا آهن پر ڪمال لکيا آهن. سندس هڪ ڪرداري نظم ”قاضي ڪوسي جي اوطاق“ جديد ڪرداري نظمن ۾ شاهڪار نظم جي حيثيت رکي ٿو. قاضي ڪوسو شاعر جي آسپاس وسندڙ هڪ ڳوٺ جو زميندار ماڻهو هو جنهن سان ذاتي مسئلن جي ڪري وڏيون مشڪلاتون پيش آيون ۾ دربدري جي زندگي گذاري گمنام ٿي ويو.

هڪ ڪردار جي ذڪ کي ليکڪ کي پاڻ تي ڪيئن طاري ڪري، تخليق کي جنم ڏجي، اهو ڪوئي علي صفدر کان سِکي. هي نظم يادگيرين جي وسيلي اُڻيو ويو آهي، جنهن جي اٽڻ ۾ تخليقي درد ۾ پيڙا پريل آهي. ناسٽيلجيا واري انداز هن نظم کي اُداسيءَ جي ڳُن ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي، هاڻي انهيءَ ڳُن مان هڪ هڪ ڪردار نڪري قاضي ڪوسي جي اوطاق تي اچي ٿو:

”ٽبڪو ٽبڪو ٽِمندڙ ماڪ،
قاضي ڪوسي جي اوطاق!

سير انديءَ کان ٽيڪ لڳائي،
دوستڻ ڳالهيون ڪٽندو هوندو

احمد سوبي سان ڪُڪڙن جون
ٻاڙون ٻڙشون هڻندو هوندو

بيگ سوا ئي سُرڪي اوتي
پنهنجي ڪُنبُ وَلاري هوندي
شاهوءَ چرڙي چَپَ ڪنڊيڙي
پَن جي بيڙي ٻاري هوندي

صوفي نُور علي پيي نعرو
حيدر حيدر هڻندو هوندو
علي مُراد ڪي تازي ڪُتا
رُوهڙ منجهہ سڏيندا هوندا
جانُو۔نانُو آئيندي جا
سهڻا خواب اڏيندا هوندا.“(59)

قاضي ڪوسي جي اوطاق جڻ تہ انهن سيني ڪردارن جو رنگ منچ آهي. جتي هر ڪردار پنهنجي مزاج ۽ وندرورونهن سان موجود آهي. ايترا گهڻا ۽ مختلف مزاج ۽ شوق رکندڙ ڪردار هڪ اوطاق جي اسٽيج تي پنهنجي ڪِرت ۽ وندر ورونهن جا رنگ هاري هليا وڃن ٿا. نظم جي آخري حصي ۾ شاعر جي سوچ هڪ جهٽڪي سان نئون موڙ اختيارُ ڪري ٿي. نظم جي اُٽت جو نئون ۽ چرڪائيندڙ رُخ هينئن ظاهر ٿئي ٿو:

”سڀ ڪجهہ ٿيندو هوندو يا ڪِي
ڪُجهہ بہ نہ ٿيندو هوندو باقي
قاضي پاڻ مري ويو هوندو
باقي پُٽ لڏي ويا هوندس
گهر جي ڇِتِ ڪري پئي هوندس
اڄڙا وار ڇڻي ويا هوندس.“(60)

ڪهاڻي پنهنجي ڪلائيمڪس تي اچي ساري رنگ منچ کي درد جي نہ کُٽندڙ ڏُنڌ ۾ ويڙهي وڃي ٿي. ۽ پوءِ ڪوبہ ڪردار واضح ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. صرف انهن ڪردارن جو ذڪ آهي ۽ ڏنڌ ۾ ماڪ آهي جيڪا مسلسل ڳڙي رهي آهي:

ٽپڪو ٽپڪو ٽِمندڙ ماڪ
قاضي ڪوسي جي اوطاق.

شمشير سيلرو جو ڪرداري نظم ”ڪدڙو“، سماج جي ان ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ڌڪار ۽ نفرت جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي. ڪدڙي کي سماج ۾ پنهنجي خوشي ملهائڻ جو ڪو سبب ئي نہ هوندو آهي. روزگار جي حوالي سان معاشرو ڪيس ڪٿي ڪو وسيلو فراهم نہ ڪندو آهي.

شاعر پنهنجي نظم ۾ ڪردار جي درد کي هينئن بيان ڪري ٿو:

”روز ٿو ٻئجي تماشو نان لئہ نچندو رهي
روز اڻپورا وجود
ٿو رکي وڪري جي لئہ
روز ٿو وڪجي وڃي
۽ وڪامي پڻ نہ ٿو.“ (61)

اهڙن ڪردارن وٽ ارمانن جا ڍير هوندا آهن. سندن سپنن ۾ خواهشن جا لاش پيل هوندا آهن. جن کي هُو روز ساڻ کڻي نڪرندا آهن ۽ روز واپس ورندا آهن. انهن ئي لاشن سان گڏ:

”جو تہ ويلي شام جو سڪن سان گڏ
ٿو هر هڪ ارمان موٽائي اچي
درد، ڏک پيڙا ۽ ساريون ذلتون
ٿو سڄو سامان موٽائي اچي.“(62)

هي نظم هڪ ڪردار جي ڏکن ۽ المين جو ڇُپندڙ داستان آهي، جنهن ۾ اسان جي سماج جي بي حسي بہ بيان ٿيل آهي.

شمشير جي ٻين ڪرداري نظمن ۾ ”پڪاري“ ۽ ”هڪ بيروزگار جي ڊائري“ شامل آهن.

اشرف پلي نظم جو نئون اُڀري آيل شاعر آهي. هن ٻيٽن ڪپائڻ جي اِشوءَ خلاف نظم ”آدو ملاح“ لکي پنهنجو احتجاجي آواز بلند ڪيو. هُو فطرت سان محبت ڪندڙ شاعر آهي.

اشرف پليءَ جي نظم ”آدو ملاح“ جو ڪردار جُهونو ”آدو“ سمنڊ جو عاشق آهي، هُو جڏهن ٻيٽن جي نيلاميءَ جو ٻڌي ٿو تہ ڪيس محسوس ٿئي ٿو:

”جڻ ڪو رَڃُ رڳن ۾ آهي
جنهن جو پاند ڇِڪي ٿو ڪوئي
هينئڙو ونجهہ جيان ٿو توڙي
بيهڪ دل جي پاڻيءَ جي.“ (63)

سمنڊ سان محبت ڪي شاعر تمام ڳنڀيرتا سان بيان ڪيو آهي. جُهونو آدو ملاح جڏهن سمنڊ ڪان پري ٿيڻ لاءِ سوچي ٿو تہ سندس اندر خالي خالي ٿي وڃي ٿو.

”سمنڊ پرهہ جو تنها تارو
ڪڙندي ڪوڙ جُدايون ڏسندو
ايندو سِج سواليءَ جهڙو خالي هي سپ جايون ڏسندو.“ (64)

اشرف پليءَ جو نظم ”آدو ملاح“ ڏُک جو هڪ سمنڊ آهي، جنهن ۾ جُهوني ملاح جي دل لُڙهندي وڃي ٿي. نظم جو فڪري تاثر، جذباتي، شدت ۽ فطرت سان وابستگيءَ جو عنصر حيران ڪندڙ آهن. شاعر هن نظم ۾ پنهنجي فطرت سان اٽوٽ عشق جو پيغام ڏنو آهي نظم جون آخري سِٽون پڙهڻ ڪان پوءِ ڪوڙ خدشا ۽ انومان پڙهندڙ ڪي ڳڙڪائي وڃن ٿا:

”ماريءَ جارُ اُٽيو جو آهي
پنڇي سو ڦاسائي ويندو
پنهنجا سپ اباجها ماڻهو
شهرُ وڏو ڳڙڪائي ويندو.“ (65)

اشرف پليءَ جو شعري مجموعو ”جوين پهريان ڏينهن“ ڇپيل آهي.

ڊاڪٽر احسان دانش سنڌي ادب جو ناليوارو نقاد ۽ شاعر آهي، سندس هڪ ڪرداري نظم ذرو مختلف ڪردارن سان پريل هڪ پرپور نظم آهي،

مان نہ موسيٰ نہ مسيحا عيسيٰ
مان نہ ڪو غوث نہ ڪو قطب قلندر ڪوئي
مان ولي ناهيان نہ دعويٰ آ پارسائيءَ جي
گودڙي پوش هان گدا آهيان
پنهنجي اندر جي مان صدا آهيان
مان نہ پڳدار نہ جبو مونکي
مونکي ڪنهن سيم ۽ زر جي نہ ضرورت آهي
مان نہ ڪو وقت جو فرعون ۽ قارون آهيان
مان نہ ڪنهن شان ۽ شوڪت جو تمنائي هان
بي وفا ناهيان نہ ئي مان ڪوئي هرجائي هان
مان نہ ڪو ريس نہ ڪو مير نہ ڪو پير آهيان
مان نہ هان زهر هلائل مان منو ڪير آهيان

مان نہ ڪو پوپ نہ پنڊت نہ ئي پڳدار آهيان
مان نہ ڪو راڄ ڌڻي ۽ نہ ئي سردار آهيان
مان تہ بندو هان گنهگار خطاوار آهيان." (66)

حبدار سولنگي (راقم الحروف) جديد سنڌي غزل ۽ نظم جي شاعر طور پنهنجون تخليقون سنڌي ادب کي آڇي رهيو آهي. هن ڪيترائي ڪرداري نظم لکيا آهن.

پنهنجي شهر ڳيريلي سان وابستہ ڪردارن تي لکيل سندس نظم: "هڪ دور جو اڌورو نظم" بہ آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ پنجاهہ کان مٿي ڪردارن کي پيش ڪيو ويو آهي:

"ڏاڏو امام بخش ٻنيءَ تان
گاهہ ڪرڻ لئہ نڪتو آهي
ان سان گڏ نديڙو نينگر آ
۽ ٻيو ڏاندن جوڙو آهي
سندس گهر کي لوڙهو آهي
لوڙهي تي هڪ رلهي پئي آ" (67)

سندس هڪ ٻيو نظم "ڏڙ" هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پاڻ ياڳيو آهي، چور سندس گهر مان مال چوري ڪري، جڏهن فرار ٿين ٿا تہ هو سجاڳ ٿئي ٿو ۽ چورن پويان ڊوڙي ٿو. سندس ان ڪيفيت کي شاعر هڪ چور (ٻيو ڪردار) جي زباني هيئن بيان ڪري ٿو:

"هو جڏهن مون کي ويجهڙو آيو
گار ڏيئي، ڊڪي، وجي ويجهو
پر ڪيائي ڪهاڙي پنهنجي سان
مون سسي ڏار ڪئي سندس ڏڙ کان
سر ڪٽيل ڏڙ ڏنم تہ ڊوڙيو پئي." (68)

هن نظم جو ڪردار پنهنجي ثقافتي قدرن جي پاسداري ۾ سسي ڌار ٿيڻ کانپوءِ بہ ڊوڙي ٿو جيڪو انساني نفسيات جو هڪ اهڙو رخ آهي، جنهن جو اظهار سنڌي شاعريءَ ۾ اڳ نہ ٿو ملي.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪرداري نظمن جو سلسلو برقرار آهي همعصر دور جا شاعر پنهنجي نظمن ۾ مختلف ڪردار پيش ڪري پنهنجي نظمن ۾ ڪردارنگاريءَ جا مثال قائم ڪري رهيا آهن.

## نتيجا

- شاعريءَ ۾ ڪردار نگاريءَ کي اهم ۽ بنيادي حيثيت حاصل آهي.
- هيءَ سموري دنيا مختلف ڪردارن جو ميڙ آهي، هر ڪردار جي شخصي خصوصيت، نفسيات، سماجي پيهڪ، رويو ۽ سڃاڻپ پنهنجي آهي.
- ڪرداري نظم شاعريءَ جي ڪا الڳ/مخصوص صنف نہ آهي، پر اُهي موضوعاتي بيهڪ جي حوالي سان الڳ سُڃاڻپ رکن ٿا.
- مختلف ڪردارن تي رکيل نظمن کي ’ڪرداري نظم‘ چئبو آهي.
- سنڌي ڪلاسيڪل شعري صنف: ڳاهہ، مثنوي، مرثيي ۽ قصيدي ۾ بہ ڪردار ملن ٿا.
- موجوده دؤر جي هر صنف: بيت، وائي، ڪافي، گيت، غزل، هائيڪو نثري نظم وغيره ۾ بہ ڪردار ملن ٿا.
- قصن، داستانن، لوڪ داستانن ۽ رزميه قصن کان ويندي ڪهاڻي، ڊرامي ۽ ناول تائين ڪردار نگاري ملي ٿي.
- ڪردار نگاري بحيثيت شعري خوبي (Poetic quality) بہ الڳ سڃاڻپ رکي ٿي.
- شاعريءَ ۾ ڪردار نگاري هڪ فني اُهڃاڻ آهي، ڪيترين ئي ڳالهين، جيڪي شاعر سڌي بيانيي ۾ ڪرڻ وقت ڏکيائي محسوس ڪندو آهي، يا جن مان خطبي يا واعظ وارو غير تخليقي رخ ظاهر ٿيندو آهي، اُنهن جي جاءِ تي هو هڪ ڪردار تخليق ڪري اُن وسيلي اُهي سڀ ڳالهيون تخليقي انداز ۾ ڪندو آهي، جنهن سان نظم ۾ تمثيلي انداز پيدا ٿيندو آهي.
- ادب/شاعريءَ ۾ ڪردارنگاريءَ جي پيدا ٿيڻ جو اهم سبب نفسياتي لاڙا ۽ نظريا آهن.
- همعصر دؤر ۾ ڪرداري نظمن جي تخليق ۾ ادل سومرو، حسن درس، اسحاق سميجو، رفيق سيال، خليل ڪنڀار، احمد سولنگي، روبينا ابڙو ۽ ٻيا پنهنجو حصو ڳنڍيي رهيا آهن.
- هن تحقيقي مقالي جي اڀياس سان ادب ۽ ڪردار ۽ ڪردار نگاريءَ جي واضح صورت اُڀري اچي ٿي. اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي تہ ادب ۾ ڪردار ڪهڙي صورت ۾ موجود هوندو اهي، ان کان پوءِ شاعريءَ ۾ موجود مختلف ڪردارن ۽ ڪردار نگاريءَ جي تعريف ۽ تشريح بيان ٿئي ٿي.
- ڪردار نگاريءَ کي بحيثيت شعري خوبي بيان ڪرڻ سان شعري تنقيد جو هڪ نئون ۽ لڪل پاسو اڳيان اچي ٿو.

- شاعريءَ ۾ ڪردار جا مختلف قسم بيان ڪرڻ سان شعري تنقيد کي نوان رخ ملن ٿا ۽ انهن ڪردارن جا اڀياس سان ڪردارن جي تخليقي، سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي پهلوءَ تي روشني پوي ٿي.
- شاعريءَ ۾ ڪردارن جي تحقيقي ۽ تنقيدي اوک ڊوک ڪرڻ سان انهن جو تاريخ سان ڳانڍاپو ظاهر ٿي ٿو ۽ ڪردار جي فڪري ڇنڊ ڇاڻ سان نفسياتي تنقيد جي اوسر ۾ اضافو ٿئي ٿو.
- هن تحقيق ۽ تنقيد جي ذريعي سنڌي ادب ۾ پهريون ڀيرو 'ڪرداري نظمن' جي ادبي اصطلاح کي متعارف ڪرائڻ سان شعري تنقيد جو نئون پاسو اڳيان اچي ٿو.
- ڪرداري نظمن جي تنقيدي اڀياس سان شاعرن جي پنهنجي شعري ڪردارن سان محبت، نظرياتي وابستگي ۽ فڪري هم آهنگيءَ جي ڄاڻ ملي ٿي، ان سان گڏ ڪردارن جي سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي حيثيت بہ پڌري ٿئي ٿي.
- مختلف ڪرداري نظمن جا ڪردار پنهنجي پنهنجي سماجي، هنري ۽ تخليقي سڃاڻپ ڪرائن ٿا، جنهن سان سماجي اصولن، لوڪ ڏاهپ، روايتن ۽ قدرن جو پتو پوي ٿو.
- ڪرداري نظمن جي مطالعي سان معلوم ٿئي ٿو تہ جديد سنڌي شاعري صرف جذبات نگاريءَ تائين محدود نہ آهي، پر ان ۾ سماجي، مزاحمتي ۽ نظرياتي شعور بہ شامل آهي.

## حوالا


1. قاضي خادم، ڊاڪٽر. ادب ۽ روايتون. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، 1992ع، ص: 97
2. ساڳيو
3. عنبرين منير، ڊاڪٽر. جديد اردو نظم مين نفسياتي عناصر. فيصل آباد: مثال پبلشرز 2017ع، ص: 57، 58)
4. شمشير الحيدري، سنڌي شاعريءَ جو اڀياس. ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ 2012ع ص 53.
5. شيخ اياز. ڦماڳ سمنڊ جاڳي ٿو. ادل سومرو، ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن 1994ع ص 12.
6. سومرو ادل. نيروليءَ جو خواب. خيرپور: پوپٽ پبليڪشن 2017ع ص 52.
7. ساڳيو
8. بٽ، محمد عاصم. عبدالله حسين. فن اور شخصيت، لاهور: سنگ ميل پبليڪشن 2007ع ص 58.

9. سومرو، ادل. نيروليءَ جو خواب. خيرپور: پوپٽ پبليڪشن 2007ع ص 313 ۽ 314.
10. مرزا، نصير. ٿي نہ سگهيس شاعر. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪشن 2007ع 111.
11. ساڳيو
12. شيخ اياز. مقدمو ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان. سهيڙيندڙ مظفر چانڊيو ڇاپو ٻيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي 2015ع ص 146.
13. درس حسن. ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان. سهيڙيندڙ مظفر چانڊيو ڇاپو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي 2015ع ص 137.
14. ساڳيو ص: 138
15. ساڳيو ص: 137
16. درس حسن. حسن درس جو رسالو. سهڙيندڙ ارم محبوب، حيدرآباد: انڊس فائونڊيشن، 2011ع ص 233.
17. زميني آسي، مجتا جي رڃ ۾. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر 1992ع ص 119.
18. ساڳيو
19. ساڳيو
20. سميجو اسحاق. مور نگر تي مينهن. ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن 2020ع ص 175.
21. ساڳيو
22. ساڳيو
23. ساڳيو
24. ساڳيو
25. سولنگي، احمد. خواب آواره پکي. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي 2013ع ص 142.
26. ساڳيو
27. ساڳيو ص :222
28. مجتبيٰ حسن. ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان. (مرتب: مظفر چانڊيو) ڇاپو ٻيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي 2015ع ص 221.
29. مجتبيٰ حسن. ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان. (مرتب: مظفر چانڊيو) ڇاپو ٻيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي 2015ع ص 222.
30. شيخ اياز (مقدو). ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان. (مرتب: مظفر چانڊيو ڇاپو ٻيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي 2015ع ص 127.
31. ميمڻ سعيد. درد جون آيتون. نواب شاهہ: سِپ پبليڪيشن 2009ع ص 34.
32. شاهہ سردار. "سارنگا" شمارو 17 (ايڊيٽر اسحاق سميجو) حيدرآباد: سارنگا ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي 2012ع ص 106 ۽ 107.
33. حوالو ساڳيو

34. منگي اعجاز,مهاڳ : قدم کان عدم تائين,روبينه ابڙو قمبر : ڪنول پبليڪيشن، 2015 ع ص : 39
35. حوالو ساڳيو ص 79 ۽ 80
36. حوالو ساڳيو ص 130 ۽ 131
37. سيال رفيق، ماهوار ”ناٽڪ“ آڪٽوبر 2014 ع ايڊيٽر: رحمت پيرزادو، ڪراچي: ناٽڪ پبليڪيشن، ص 41.
38. حوالو ساڳيو
39. حوالو ساڳيو
40. عاجز علي دوست. رتا روهيڙا. ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن 2017ع ص 141.
41. ساڳيو
42. علي صفدر، فيسبڪ وال 2021 ع
43. ساڳيو
44. سميجو اسحاق، ڊاڪٽر. مُهاڳ، پڳي هڏ جڏن ڏکان آئون. خليل ڪنڀار، حيدرآباد: سارنگا پبليڪشن 2018ع ص 10.
45. راهوڪڙو الهه بچايو. ڪاوش دنيا ميگزين. آچر حيدرآباد: روزاني ڪاوش 2018ع ص 14
46. ڪنڀار خليل. پڳي هڏ جڏن ڏکان آئون. حيدرآباد: سارنگا پبليڪشن 2018ع ص 66.
47. ساڳيو
48. ساڳيو
49. ساڳيو
50. مورائي رکيل. ڪاوش دنيا ميگزين. آچر17 اپريل، حيدرآباد:روزاني ڪاوش، 2019,ص:21
51. ساڳيو
52. لطيف فياض. ”پرک“ جديد شاعري نمبر جون 2015ع ايڊيٽر نثار منصور ڪراچي: ص 38.
53. ساڳيو
54. ساڳيو
55. اقبال امر، چا رکيو آهي امر اقبال ۾. خيرپور: پوپٽ پبليڪيشن 2004 ع، ص 76.
56. ساڳيو
57. پيرزادو رحمت. دلين جا داخلي رستا. ڪراچي :ريڪائون پبليڪيشن 2016 ع ص 19.
58. ساڳيو
59. علي صفدر فيسبڪ وال 2021ع.
60. ساڳيو
61. سيلرو شمشير. ماهوار. سڳنڌ، جنوري 2013ع ايڊيٽر زاهد چانڊيو 2013ع ص 45.
62. ساڳيو

63. ساڳيو
64. پلي، اشرف. ”سارنگا“. شمارو 01 ايڊيٽر ڊاڪٽر اسحاق سميجو حيدرآباد: سارنگا ادبي ۽ ثقافتي 2008ع ص 112.
65. ساڳيو
66. دانش احسان، فيسبڪ وال.
67. سولنگي، حبدار. خواب ٽا کولن اکيون. قمبر: ڪنول پبليڪيشن، 2015ع، ص:77
68. سولنگي، حبدار. خواب ٽا کولن اکيون. قمبر: ڪنول پبليڪيشن، 2015ع، ص:39